سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد

# ٻارن لاءِ شاهه لطيف جو ميلو

**تاريخ: 02 نومبر 2024 ع**

**(شاهه لطيف بابت ڪوئز مقابلي جا سوال)**

## شاهه سائينءَ جي زندگي ۽ سندس دؤر بابت

سوال: شاهه ڪريم جا ابا ڏاڏا اصل ڪٿان جا رهاڪو هئا؟

جواب: هرات شهر جا (موجوده ملڪ افغانستان)

سوال: شاهه سائينءَ جا وڏا بزرگ پهريائين سنڌ جي ڪهڙي شهر ۾ آباد ٿيا؟

جواب: هالا ڪنڊي (پراڻا هالا).

سوال: شاهه سائينءَ جي وڏڙن مان سنڌ ۾ سڀ کان اڳ ڪير آيو هو ۽ ڪٿي رهيو هو؟

جواب: سيد حيدر شاهه، هالن ۾ اچي رهيو.

سوال: شاهه سائين بابت سڀ کان پهرين ٿورو احوال ڪهڙي ليکڪ پنهنجي ڪتاب ۾ ڏنو؟

جواب: مير علي شير قانع ٺٽويءَ.

سوال: مير علي شير قانع پنهنجن ڪتابن ۾ سيد عبداللطيف يا شاهه عبداللطيف جي نالي سان ڪم از ڪم ڪيترن بزرگن جو ذڪر ڪيو آهي؟

جواب: پنجن بزرگن جو.

سوال: مير علي شير قاقنع ٺٽويءَ پنهنجن فارسي ڪتابن ۾ شاهه سائينءَ لاءِ تارڪ لفظ ڪيترا ڀيرا استعمال ڪيو آهي؟

جواب: يارهن ڀيرا.

سوال: مير علي شير قانع، ”تحفة‌الڪرام“ کان اڳ ڪهڙي ڪتاب ۾ پهريون ڀيرو شاهه لطيف جي سوانح جو تذڪرو ڪيو؟

جواب: ڪتاب مقالاتِ الشعراءَ.

سوال: ڪتاب مقالاتِ الشعراءِ لطيف سائين جي وفات کان ڪيترا سال پوءِ لکجي مڪمل ٿيو؟

جواب: 9 سال پوءِ (1174هه/1761ع ۾ مڪمل ٿيو)

سوال: ڪتاب مقالات الشعراءِ جو پهريون ڀيرو سنڌي ترجمو ڪڏهن ٿيو؟

جواب: 1957ع ۾.

سوال: مير علي شير قانع مقالاتِ الشعراءِ کان پوءِ ٻئي ڪهڙي ڪتاب ۾ شاهه سائينءَ جي زندگي جو احوال لکيو آهي؟

جواب: فارسي ڪتاب تحفة الڪرام (1181هه/1767ع ۾ لکيو ويو)

سوال: ”فارسي ڪتاب معيار سالڪان طريقت“ جي ڪائين طبقي ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو احوال ملي ٿو؟

جواب: يارهين طبقي ۾.

سوال: فارسيءَ ۾ لکيل ڪتاب فردوس العارفين ۾ محمد زمان لنواري واري سان گڏ شاهه سائينءَ جو به احوال ملي ٿو اهو ڪتاب ڪڏهن ۽ ڪنهن لکي مڪمل ڪيو؟

جواب: 1201هه/1786ع ۾ مڪرم خان ٽالپر.

سوال: مير علي شير قانع جي دور ۾ سيد عبداللطيف يا شاهه عبداللطيف جي نالي وارا گهٽ ۾ گهٽ ڪيترا بزرگ ٿيا؟

جواب: پنج بزرگ.

سوال: شاهه سائينءَ جي سواح حيات تي تحقيقي ڪم ڪڏهن شروع ٿيو؟

جواب: 1880ع ۾

سوال: شاهه سائينءَ جي ڏاڏي جو اسم شريف ٻڌايو؟

جواب: سيد عبدالقدوس شاهه.

سوال: شاهه سائينءَ جي پڙ ڏاڏي جو نالو ڇا آهي؟

جواب: سيد جمال شاهه.

سوال: شاهه سائينءَ جي تڙ ڏاڏي جو نالو ڇا آهي؟

جواب: سيد عبدالڪريم شاهه بلڙي.

سوال: شاهه سائينءَ جو جنم سيد جلال شاهه جي ڪائين پيڙهيءَ مان ٿيو؟

جواب: چوٿين پيڙهيءَ مان.

سوال: شاهه لطيف، حضرت علي عليه السلام جي ڪائين پيڙهي مان آهي؟

جواب: 28 پيڙهي مان.

سوال: سڀ کان پهريائين پٽ تي ڪهڙي سال کان شاهه لطيف جي جنم جو ڏينهن ملهائڻ شروع ٿيو؟

جواب: 1982ع کان.

سوال: ڪهڙي عالم جو چوڻ آهي ته شاهه لطيف هالا حويليءَ ۾ ڪونه ڄائو هو پر ڀينءَ پور ۾ پيدا ٿيو هو؟

جواب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ.

سوال: سئي ڪندر قبرستان لڳ شاهه حبيب جي ڪنڊڻ وٽ لطيف هالا حويليءَ ۾ ڪونه ڄائو هو پر ڀينءَ پور ۾ پيدا ٿيو هو؟

جواب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ.

سوال: سئي ڪندر قبرستان لڳ شاهه حبيب جي ڪنڊڻ وٽ لطيف جي جنم جي ڳالهه پهريون ڀيرو ڪهڙي عالم ڪئي آهي؟

جواب: ڊاڪٽر دائود پوٽي.

سوال: شاهه سائينءَ جي امڙ ۽ والد جو اسم شريف ٻڌايو؟

جواب: ماءُ جو نالو فاطمه عرف بيبي صاحبِ (والد سيد حبيب شاهه)

سوال: شاهه سائينءَ جي ناني جو نالو ڇا هو؟

جواب: ميان عرس فقير ڏيرو ثابت پوٽو (ميان ثابت جي اولاد مان هو)

سوال: شاهه سائين جي خاندان جي جاين تي، رهائش اختيار ڪئي هئي، انهن جاين کي ڪهڙي نالي سان سڏيو ويجي ٿو؟

جواب: شاهه جا پڊ (شاهه حبيب جا پڊ).

سوال: شاهه سائين جي ننڍپڻ ۾ پالنا ڪهڙي فقير ڪئي هئي؟

جواب: عمر فقير سهتي.

سوال: شاهه سائين جو ننڍي هوندي کان رفيق ۽ سڀ کان وڌيڪ پيارو ساٿي ڪهڙو هو؟

جواب: فقير محمد عالم ولد ربڏنو ڏيرو.

سوال: شاهه سائين گز ڪمان سان ڪهڙن پکين جو شڪار ڪندو هو؟

جواب: پاڻ ڪنهن به ساهه واري شي جو شڪار نه ڪيائون، بيجان شي تي نشان چٽيندو هو.

سوال: شاهه حبيب لطيف سرڪار کي ڪهڙن بزرگن جا بيت ياد ڪرايا هئا؟

جواب: شاهه ڪريم، قاضي قاضن ۽ لطف الله قادري جا.

سوال: شاهه سائينءَ روم جي ڪهڙي بزرگ شاعر کي روحاني رهبر ڪري مڃيو آهي؟

جواب: مولانا جلال الدين روميءَ کي.

سوال: شاهه سائينءَ سنڌ جي ڪهڙي شاعر کي روحاني رهبر ڪري مڃيو آهي؟

جواب: شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ واري کي.

سوال: شاهه صاحب کي ڪيترا چاچا هئا؟

جواب: فقط هڪ، سيد عبدالرشيد شاهه.

سوال: شاهه سائينءَ جي سڳي ڀيڻ جو نالو ڇا آهي؟

جواب: بيبي بتول، ڪيس ادب وچان بيبي راڻي ۽ بيبي سردار به سڏيندا هئا.

سوال: شاهه سائينءَ جي ٽوپيءَ کي ٻئي ڪهڙي نالي سان سڏيو ويندو هو؟

جواب: تاج يا ڪلاهه.

سوال: لطيف سائين جا مريد سندس زوجه کي ادب وچان ڇا چوندا هئا؟

جواب: تاج المخدرات يعني سرتاج سائڻ (ستين جو ڇٽ).

سوال: شاهه سائين جي گهرواريءَ جو اصل نالو ڇا هو؟

جواب: عائشه (راڻي سلطانه).

سوال: شاهه صاحب ڪيترن سالن جي عمر ۾ ڀٽ تي رهائش اختيار ڪئي ۽ پوءِ ڪوبه سفر نه ڪيائين؟

جواب: 59 سالن جي عمر ۾.

سوال:  شاهہ سائين ڪلهوڙن جي دؤر ۾ ڪهڙن لقبن سان مشهور ٿيو؟
جواب:  تارڪ، لطيف، عبداللطيف وغيره.
سوال:  شاهہ سائين کي هند توڙي سنڌ واسي ڪهڙن پيارن لقبن سان ياد ڪن ٿا؟ ڪي بہ پنج لقب ٻڌايو.
جواب:  ڀٽائي گهوٽ، ڀٽ ڌڻي، لعل لطيف، لڄادار لطيف، لطيف سرڪار، لاکيڻو لطيف، مرشد لطيف، شاهہ سائين، شاهہ صاحب، اولياءُ صاحب، تارڪ، حضرت جن، شاعرن جو سرتاج، عارفن جو سلطان، اوليائن جو امام وغيره.
سوال:  شاهہ سائينءَ پنهنجي دور ۾ سنڌ تي ڪهڙن حڪمرانن جي حڪومت ڏٺي؟
جواب:  ميان يار محمد ڪلهوڙي ۽ ميان نور محمد ڪلهوڙي جي حڪومت.

## شاهہ لطيف بابت بنيادي معلومات

سوال:  شاهہ عبداللطيف جو ڪلام ڪنهن جي معرفت مريدن سهيڙيو؟
جواب:  ملياڻي نعمت.
سوال:  شاهہ عبداللطيف جو مقبرو ڪهڙي ڪلهوڙي حڪمران جوڙايو؟
جواب:  غلام شاهہ ڪلهوڙو.
سوال:  شاهہ لطيف ڪهڙي عالم جي جنازي نماز پڑهائي هئي؟
جواب:  مخدوم معين ٺٽوي.
سوال:  شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ سان ڪهڙا ٽي ڪتاب هميشہ گڏ هوندا هئا؟
جواب:  قرآن مجيد، مثنوي مولانا رومي، شاهہ ڪريم جو رسالو.
سوال:  رچرڊ برٽن جي ان ڪتاب (1851ع) جو نالو ٻڌايو جنهن ۾ هن شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو ذڪر ڪيو آهي؟
جواب:  سنڌ و ماٿري ۾ رهندڙ قومون.
سوال:  1870ع ۾ ڪهڙي انگريز شاهہ عبداللطيف جي سوانح لکي، جنهن جو ترجمو علامہ دائودپوٽي ڪيو؟
جواب:  ڊبليو سائودي.
سوال:  شاهہ لطيف ننڍپڻ ۾ ڪهڙي راند کيڏندو هو؟
جواب:  گزڪمان.
سوال:  شاهہ لطيف، سامين ۽ جوڳين سان گڏ ڪٿان جو سفر ڪيو.
جواب:  هنگلاج.
سوال:  شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ کي ڪهڙي ساز جو موجد سڏيو ويندو آهي؟
جواب:  دنبورو.
سوال:  شاهہ لطيف سڀ کان اول ڪهڙي ماڳ جو سير ڪيو؟
جواب:  گنجي ٽڪر.

## شاهہ جي رسالي ۾ سُرن بابت معلومات

سوال: محمد عالم سومري جو ترتيب ڏنل الف ب وارو رسالو ڪهڙي رسالي جي مدد سان تيار ٿيو؟

جواب: ڪلياڻ آڏواڻي.

سوال: ”موضوع وار شاهہ جو رسالو“ ڪنهن جو سهيڙيل آهي، جنهن ڪي گل محمد تنيي ترتيب ڏئي ڇپرايو؟

جواب: هرومل سدا رنگاڻي.

سوال: گنج (شاهہ جو رسالو الف ب وار ترتيب سان) ڪنهن ترتيب ڏنو آهي؟

جواب: صفدر حسين ميرزا ۽ شوڪت چاچڙ.

سوال: شاهہ جي رسالي جو عربيءَ ۾ ترجمو ”الشاهہ عبداللطيف بهتائي و منتخباة اشعاره“ جي نالي ڪنهن ڪيو؟

جواب: ڊاڪٽر فضل سومرو.

سوال: شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ شاهہ عنايت جو ڪهڙي سُر ۾ ذڪر ڪيو آهي؟

جواب: سر رامڪلي.

سوال: سُر رامڪليءَ ۽ سُر ڪاهوڙيءَ ۾ ڇا جو ذڪر ٿيل آهي؟

جواب: سير سفر، جوڳين، سامين ۽ ڪاهوڙين جو.

سوال: شاهہ لطيف نانگن ۽ بلائن جو ذڪر پنهنجي ڪهڙي سُر ۾ ڪيو آهي؟

جواب: سُر ڪارايل.

سوال: ”سائينم! سائين“ وارو بيت شاهہ جي رسالي جي ڪهڙي سُر ۾ آهي؟

جواب: سُر سارنگ.

سوال: شاهہ صاحب جا وڳند فقير سان ڪيل پوڳن، چرچن ۽ گفتن جا بيت رسالي جي ڪهڙي سُر ۾ ملن ٿا؟

جواب: سُر بلاول.

سوال: موکي ۽ متارن جو ذڪر ڪهڙي سُر ۾ آهي؟

جواب: يمن ڪلياڻ.

سوال: ڪهڙي سُر ۾ چنڊ، ستارن ۽ ڪتين جو ذڪر ملي ٿو؟

جواب: سُر ڪنڀات.

## شاهہ جي رسالي جا ڪردار

سوال: ابڙي سمي جي سورهيائيءَ جو ذڪر شاهہ سائينءَ ڪهڙي سُر ۾ ڪيو آهي؟

جواب: سر بلاول ۾.

سوال: شاهہ صاحب سر بلال ۾ جام سپڙ ۽ جام ٻيلي ڏٽيءَ سان گڏ ڪهڙي سخي ڏاتار جي تعريف ڪئي آهي؟

جواب: ابڙي اگهام جي.

سوال: ٻيجل جو ذڪر شاهہ صاحب ڪهڙي سر ۾ ڪيو آهي؟

جواب: سر سورٺ ۾.

سوال: شاهه سائينءَ جي سر ڏهر ۾ مشهور سورهيه ۽ سردار پنرو بداڻي ذات جو ڪير هو؟

جواب: چنو.

سوال: جسودن ذات جو آگرو هو پلهار واري ايراضيءَ جو حڪمران هو شاهه سائينءَ سندس ذڪر ڪهڙي سر ۾ ڪيو آهي؟

جواب: سر ڏهر ۾.

سوال: جيسو ۽ جسراج ڪير هئا ۽ شاهه سائينءَ سندن ذڪر ڪهڙي سر ۾ ڪيو آهي؟

جواب: سر ڏهر ۾.

سوال: شاهه سائينءَ سومرن کي پناهه ڏيندڙ ڄام اوڍر سمون جو ذڪر سر بلاول ۾ ڪيو آهي، ٻڌايو ته لفظ اوڍر جي معنيٰ ڇا آهي؟

جواب: معنيٰ آهي (ٻين جا سور ۽ مسئلا پاڻ تي اوڍڻ ۽ انهن کي منهن ڏيڻ)

## شاهه جي شاعريءَ ۾ ماڳ، مڪان ۽ شهر

سوال: متارا پاڻ ۾ گهڻا/ ڪيترا يار هئا؟

جواب: آٺ يار.

سوال: لاڙطرف شاهه سائين جا ڪيترا ۽ ڪهڙا تڪيا موجود آهن؟

جواب: چار تڪيا: شاهه ڪريم وارو تڪيو مڪلي وارو، بدين وارو تلهار وارو تڪيو.

سوال: شاهه سائين سر سورٺ ۾ ڪهڙن مشهور ماڳن جو ذڪر ڪيو آهي؟ ڪن ٻه پنجن جا نالا ٻڌايو.

جواب: جهالا واڙ مڇو ڪانٺو هالار، ٻڊو يا ڇينواڙ سورٺ، ٻابريا واڙ گوهيلواڙ جئلڏاڙ اونڊسر ديو گرنار، ڪانياواڙ جهونا ڳڙهه.

سوال: شاهه سائينءَ پنهنجي شاعري ۾ ڪانيواڙ جو ذڪر ڪيو آهي. قديم زماني ۾ ڪانياواڙ جا ڪهڙا وڏا شهر مشهور هئا؟ ڪن ٻه پنجن جا نالا ٻڌايو؟

جواب: جهونا ڳڙهه، ڀاؤنگر، نؤ ننگر، ڄام ننگر، راجڪوٽ، پور بندر، موربي، گونڊل ۽ ڌرن ڳڙهه.

سوال: شاهه سائينءَ ڪڇ جو ذڪر ڪهڙن سُرن ۾ ڪيو آهي؟

جواب: سر ڏهر، بالول ۽ سارنگ ۾.

سوال: شاهه سائينءَ جي شاعري ۾ چوتاڻ جو ذڪر ملي ٿو ڪهڙي ايراضي کي قديم دور ۾ چوتاڻ چوندا هئا؟

جواب: ننگر پارڪر تعلقي واري الهندي پاڳي ۽ مٺي تعلقي جي اوير واري ايراضي کي.

سوال: شاهه سائين سر ڏهر جي ڪيترن بيتن ۾ چوتاڻ واري خطي جو ذڪر ڪيو آهي.

جواب: ٽن بيتن ۾.

سوال: شاهه سائين ٻيلي خطي جو ذڪر ڪهڙن سرن ۾ ڪيو آهي؟

جواب: سر ڏهر، پرڀاتي ۽ سر سورٺ ۾.

سوال: شاهہ سائين جي شاعريءَ ۾ بيان ڪيل ٻيلو ٻيٽ ڪٿي هو؟

جواب: ڪڇ جي رڻ ۾، ڪڇ واري ڪناري جي قريب هو.

سوال: شاهہ سائين پنهنجي شاعريءَ ۾ ٻني ڪڇ جي ڪهڙن جبلن جو ذڪر ڪيو آهي؟

جواب: ڪيرو جهرو هبو لوٽو.

سوال: لطيف سائين، ٻني نالي مشهور خطي جو ذڪر ڪيترن بيتن ۾ ڪيو آهي؟

جواب:هڪ بيت ۾.

سوال: شاهہ سائين عراق ملڪ جو ذڪر ڪهڙن سرن ۾ ڪيو آهي؟

جواب: سر ڏهر ۽ سر بلاول ۾.

سوال: شاهہ سائين ڪاڇو (ڪاڇي) ڪي ڪيترن بيتن ۾ ڳايو آهي؟

جواب: يارهن بيتن ۾.

سوال: شاهہ سائين سر ڏهر ۾ ڪهڙن علائقن جو ذڪر ڪيو آهي؟ ڪن بہ پنجن جا نالا ٻڌايو.

جواب: ڪاڇو چوٽاڻ، وٽ، ٻيلو ڪريڙ ٻني، پاندر، پڇو ڪوهيار، لوٽو هبو جهڙو پيچ، ٻدام، گهاڙي، ڪنڊو ڪڇ ۽ سنڌ جو چوڏهن چارن جو.

سوال: شاهہ سائين گهاڙي شهر جو ذڪر ڪهڙي سر ۾ ڪيو آهي؟

جواب: سر ڏهر ۾.

سوال: شاهہ سائين ڪابل شهر جو ذڪر ڪهڙن ٽن سرن ۾ ڪيو آهي.

جواب: سر ڪاپائتي، سارنگ ۽ رامڪلي ۾.

سوال: سسئيءَ ڪهڙي شهر ڪي باهہ ڏيڻ جي ڳالهہ ڪئي آهي؟

جواب: ڀنڀور ڪي.

سوال: شاهہ سائين سُر حسيني ۾ ڪهڙن جبلن جو ذڪر ڪيو آهي؟

جواب: هاڙهو پپ، گنجو ڪانپو ڪارو ۽ لمونءَ جبل جو.

سوال سر رامڪليءَ ۾ شاهہ سائينءَ ڪيترن ماڳ مڪانن ۽ شخصيتن جو ذڪر ڪيو آهي؟

جواب: ويهن ماڳ مڪانن جو ۽ 22 شخصيتن جو.

سوال: شاهہ سائين اتر سنڌ جي ڪهڙي ماڳ تي ٻيڙيءَ تي چڙهي ايندو هو؟

جواب: ترائي واري ٽڪئي تي.

سوال: شاهہ سائين جي سمورن ٽڪين مان سڀ کان وڏو ٽڪيو ڪهڙو آهي؟

جواب: ترائي وارو ٽڪيو.

سوال: نائچن وارو ”پٽائي جو لوڙهو“ ڪهڙي ضلعي ۾ آهي؟

جواب: لاڙڪاڻي ۾.

سوال: ڪهڙي علائقي ۾ ڳوٺ جا ماڻهو پنهنجي گهرن ۾ ٻارن کي لوليون لطيف جي واين سان ۽ حال احوال بہ لطيف جي بيتن سان اوريندا آهن؟

جواب: شاهہ بندر، ڇڇ جهان خان ۽ ساڪري ۾ آباد اوني ۽ مرگهر.

سوال: ڪهڙي محقق شاهه سائينءَ جي سوانح ۾ مکيه 431 اسم ۽ 65 ماڳن ۽ آثارن جو تفصيل ڏنو آهي؟
جواب: محمد حسين ڪاشف
سوال: پٽ تي شاهه سائين سڀ کان پهريائين ڇا تعمير ڪرايو؟
جواب: هڪ جهوپڙي، والدين لاءِ حويلي ۽ ڪروت يعني ننڍي مسجد ۽ کوهه کوٽرايو.
سوال: شاهه سائينءَ جو روضو زمين کان نيل تائين ڪيترا فوٽ اوچو (مٿي) آهي؟
جواب: 67 فوٽ.
سوال: پٽ ڌڻي جي روضي جي پيهمرمت سنڌ جي ڪهڙي حاڪم ۽ ڪڏهن ڪرائي؟
جواب: مير نصير خان 1835ع ۾.
سوال: پٽ ڌڻيءَ جي درگاهه اڳيان ايوان ۾ وڏو کوهه ڪهڙي حڪمران کوٽايو هو؟
جواب: مير نور محمد ٽالپر.
سوال: شاهه صاحب جو ڪهڙو ماڳ پٽ شاهه کان اوپر ۾، ٽنڊو آدم روڊ تي واقع آهي؟
جواب: شاهه جو ڪنڊو (پٽ شاهه کان ٻه ڪلوميٽر اوپر طرف ڪنب دڙو واري رستي تي )
سوال: لطيف جي حويلي جيڪا وڏي اوطاق جي نالي سان مشهور ٿي، لطيف سائين اها جاءَ ڪهڙي فقير کي ڏني هئي؟
جواب: تمر فقير کي.

## شاهه سائينءَ جي شاعريءَ ۾ وهڪرن، بندرن، ڍنڍن، ڍورن ۽ ندين بابت معلومات

سوال: شاهه سائينءَ پنهنجي شاعريءَ ۾ سنڌوءَ جي ڪيترن وهڪرن جو ذڪر ڪيو آهي؟
جواب: 17 وهڪرن جو
سوال: شاهه سائين پنهنجي شاعريءَ ۾ عربي سمنڊ ۽ سنڌو نديءَ کي ڇا سڏيو آهي؟
جواب: عربي سمنڊ کي ڪارو ۽ سنڌو نديءَ کي منو.
سوال: شاهه سائين مهراڻ درياءَ جو ذڪر ڪهڙن سرن ۾ ڪيو آهي؟
جواب: گهاتو، ڪارايل، سهڻي، ديسي، ساموندي ۽ سريراگ ۾.
سوال: شاهه سائينءَ نارَ وهڪري جوذڪر ڪهڙن سرن ۾ ڪيو آهي؟
جواب: سر ڌهر ۽ سر سارنگ ۾.
سوال: ڍاڳي يا ڍاڪي وهڪري جو ذڪر شاهه سائينءَ ڪهڙي سر ۾ ڪيو آهي؟
جواب: سر ڌهر ۾.
سوال: قديم دور ۾ ڍاڳي ۽ ڍورواري سموري ايراضيءَ کي ڇا ڪوٺيو ويندو هو؟
جواب: ڍور جي ڌرتي.
سوال: شاهه سائينءَ لوهاٽو (لوهاٽي) درياءَ جو ذڪر ڪهڙي سر ۾ ڪيو آهي؟
جواب: سر سهڻيءَ ۾.

سوال: شاهہ سائينءَ جهول وهڪري جو ذڪر ڪهڙي سر ۾ ڪيو آهي؟
جواب: سر سهڻي ۾.
سوال: شاهہ سائين لوڙهي نديءَ جو ذڪر ڪهڙي سر ۾ ڪيو آهي؟
جواب: سر ڏهر ۾.
سوال: شاهہ سائين جي ڪيترن سرن ۾ پراڻ جي تاريخي قصن ۽ ڪهاڻين جو ذڪر ملي ٿو؟
جواب: ڇهن سرن ۾.
سوال: شاهہ سائين جي ڪيترن سرن ۾ پراڻ درياءَ جو ذڪر ملي ٿو؟
جواب: ٽن سرن ۾: سر سارنگ، سر ڏهر ۽ سر مارئي.
سوال: شاهہ سائينءَ پراڻ جو ذڪر ڪيترن بيتن ۾ ڪيو آهي؟
جواب: 25 بيتن ۾.
سوال: شاهہ جي رسالي ۾ پراڻ درياءَ جو ذڪر آهي، پراڻ جا مشهور بندر ڪهڙا هئا؟ ڪن بہ پنجن جا نالا ٻڌايو.
جواب: علي بندر، وڳهہ ڪوٽ وارو بندر، ديبل بندر، لکپت وارو بندر، ونگو پتڻ، باجو پتڻ، سنڌڙي بندروغيره.
سوال: شاهہ سائين ڪهڙي درياءَ کي مخاطب ٿيندي چيو تہ، تون ڇتيهہ جڳ سنيرين؟
جواب: پراڻ درياءَ کي.
سوال: شاهہ سائين ڪهڙي سر ۾ ٻلهيار ڍنڍ جو ذڪر ڪيو آهي؟
جواب: سر ڏهر ۾.
سوال: شاهہ سائين گنگا جي وهڪري جو ذڪر ڪهڙي سر ۾ ڪيو آهي؟
جواب: سر سارنگ ۾.
سوال: شاهہ سائينءَ پٽيهل وهڪري جو ذڪر ڪهڙي سر ۾ ڪيو آهي؟
جواب: سر ڏهر ۾.
سوال: شاهہ سائين سر ڏهر ۾ ڪيترن ۽ ڪهڙن وهڪرن جو ذڪر ڪيو آهي؟
جواب: پنجن وهڪرن جو: (1) پرندو هاڪڙو (2) ڏاڳي (3) ڍور جو وهڪرو (4) پوراڻ (5) پٽيهل وهڪرو.
سوال: شاهہ سائينءَ ڪاڪ نئن جو ذڪر ڪهڙي سر ۾ ڪيو آهي؟
جواب: سر مومل راڻي ۾.
سوال: شاهہ سائين وندر نئين جو ذڪر ڪهڙن سرن ۾ ڪيو آهي؟
جواب: سر سسئي آبريءَ، معذوري، ديسي ۽ حسيني ۾.
سوال: شاهہ سائين ڪهڙن سرن ۾ انڊونيشيا جي ٻيٽ جاوا، لڪا، لنڪا جو ذڪر ڪيو آهي؟
جواب: سر سامونڊي ۽ سر سريراڳ ۾.
سوال: شاهہ سائين هاڪڙي درياهہ لاءِ بہ لفظ وَهَہ وَهڻ (وَهَ ۽ مهراڻ) ڪهڙي سر ۾ ڪتب آندا آهن.
جواب: سر سهڻي.
سوال: شاهہ سائين پنهنجي شاعريءَ ۾ ڏهر واري ايراضي جي ٽئين نمبر وڏي وهڪري جو ذڪر ڪيو آهي، ان جو نالو ٻڌايو؟

جواب: ڍور وهڪري جو.

سوال: شاهه سائين ڍور درياءَ جو ذڪر ڪيترن بيتن ۾ ڪيو آهي؟

جواب: ٻارهن بيتن ۾.

سوال: شاهه سائين سر ڏهر ۾ ڪنڌي جي وڻ کي مخاطب ٿيندي بيت چيا آهن، اهو ڪنڌو ڪهڙي درياءَ جي ڪپ تي هو؟

جواب: ڍور درياءَ جي ڪپ تي.

سوال: ڪهڙي درياءَ کي سهٽيءَ وارو ڍورو يا سهٽي وارو درياءُ سڏيو ويجي ٿو؟

جواب: لوهاڻي درياءَ کي (شهدادپور کان اولهه ۾ ان جا آثار موجود آهن).

سوال: شاهه سائين سانگهه وهڪري جو ذڪر ڪهڙي سر ۾ ڪيو آهي؟

جواب: سر ڏهر.

سوال: شاهه سائينءَ ڪهڙي وهڪري کي سسئيءَ جي سيني سرن ۾ ڳايو آهي؟

جواب: پنيور جي وهڪري کي (پنيور واهه).

سوال: شاهه سائين حَب ندين جو ذڪر ڪهڙن سرن ۾ ڪيو آهي؟

جواب: سر ڪوهياري، سر ديسي ۽ سر معذوري ۾.

سوال: سائينءَ شاهه حَبُ نديءَ جو ذڪر ڪيترا ڀيرا ڪيو آهي؟

جواب: 7 ڀيرا.

سوال: شاهه سائينءَ پنهنجي شاعريءَ ۾ وندر نئين جو ذڪر ڪيترا ڀيرا ڪيو آهي؟

جواب: 17 ڀيرا.

سوال: شاهه سائين جي دور ۾ ڪهڙو بندر سنڌ جي واپار جو مکيه مرڪز هو؟

جواب: ننگر ٺٽي جو درياهي بندر.

سوال: شاهه سائين پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪهڙن پرڏيهي بندرن جو ذڪر ڪيو آهي؟

جواب: ڪاٺياواڙ جو پور بندر، انڊونيشيا جو جاوا بندر، ڪنيات بندر، سوماترا بندر، لنڪا بندر، عدن بندر

سوال: شاهه سائين، گجرات جي ڪهڙي مشهور بندر جو ذڪر پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪيو آهي؟

جواب: دوارڪا بندر.

سوال: شاهه سائين جي شاعري ۾ بيان ڪيل ان بندر جو نالو ٻڌايو جتان حاجي سڳورا حرمين شريفين جي زيارت ڪرڻ لاءِ ويندا هئا؟

جواب: سورت بندر (سر بلاول ۾ ذڪر).

سوال: شاهه سائين گڙنگ واهه جو ذڪر ڪهڙي سر ۾ ڪيو آهي؟

جواب: سر سارنگ ۾.

سوال: شاهه سائين ڪاٺياواڙ ۽ ڪڇ کان ٿيندو ڪهڙي بندر وٽ پهتو ته ڪيس سامونڊي وڻجارن جا جهاز ڏسڻ ۾ آيا؟

جواب: لاهري بندر وٽ.

سوال: شاهہ صاحب سنوير ڏينهن جو ذڪر ڪهڙي سر ۾ ڪيو آهي؟
جواب: سر ڏهر ۾.
سوال: شاهہ سائين پنهنجي ڪلام ۾ ڪهڙين ڏينهن جو ذڪر ڪيو آهي؟
جواب: ڪينجهر، ڪراڙ ۽ چڪي.
سوال: شاهہ سائينءَ ڪهڙي لفظ کي سر سهڻي ۽ سر سامونڊي ۾ درياءَ ۽ سمنڊ جي پسمنظر ۾ لکيو آهي؟
جواب: اڇاڙو

## شاهہ سائينءَ جي شاعريءَ ۾ پورهيت ۽ پورهيا

سوال: سر ديسيءَ ۾ لطيف سائينءَ ڪهڙين ذاتن جو ذڪر ڪيو آهي؟
جواب: برفت، بروهي، جت، هوت جو ذڪر.
سوال: شاهہ سائينءَ جي رسالي ۾ ڪيترن هٿيارن جو ذڪر ملي ٿو؟
جواب: چوويهہ هٿيارن جو.
سوال: شاهہ سائين پنهنجي شاعريءَ ۾ تقريباً ڪيترن پورهيتن جو ذڪر ڪيو آهي؟
جواب: 35 پورهيتن جو.
سوال: شاهہ سائينءَ پنهنجي شاعريءَ ۾ لوهار کي ٻين ڪهڙن نالن سان ياد ڪيو آهي؟
جواب: سڄاڻ ۽ سائو.
سوال: شاهہ سائينءَ ڪهڙي بيت ۾ لوهار کي سائو ۽ سڄاڻ ڪوٺيو آهي؟
جواب: اڄ اڳڙيا آئيا، سائو ڪي سڄاڻ.
لاهيندا موريا ڻ، رڪ ڪريندا پڌرو. (سر يمن ڪلياڻ)
سوال: شاهہ سائينءَ چرخي ۽ ڪتڻ جو ذڪر ڪهڙن سُرن ۾ ڪيو آهي؟
جواب: سُر حسيني ۽ سُر ڪاپائتي ۾.
سوال: شاهہ صاحب سر ڪيڏاري ۾ ڪهڙن هٿيارن جو ذڪر ڪيو آهي؟
جواب: تبرون، گُند، ڪٽارو، ڪوٽ، ترارين، ڀالا، ڪير، ڍال، زرهہ ۽ تيغ وغيره.
سوال: شاهہ سائين سر پرڀاتي ۾ ڪهڙين ذاتين جو ذڪر ڪيو آهي؟
جواب: ڀان، چارڻ، لنگها، مڱڻهار، چام، انڙ، رونجهو مڱڻيجو چوٽاٽي وغيره.
سوال: سر سورٺ ۾ شاهہ سائينءَ مڱڻهار لاءِ ڪهڙا لفظ ڪتب آندا آهن؟
جواب: جاجڪ، مڱڻو سائل، ربابي، قوال، چارڻ، راڳائي، ڀارٿ، تنبير وغيره.
سوال: شاهہ سائينءَ کي ڪهڙي پورهيت جي ڪرت نہ وڻي هئي؟
جواب: شڪاريءَ جي شڪار ڪرڻ واري ڪرت.
سوال: شاهہ سائينءَ جي ڪهڙن سرن ۾ جانورن جي شڪار سان لاڳاپيل اهڃاڻ ملن ٿا؟
جواب: سر ڏهر، ڪاموڏ، ڪاهوڙي، ڪارايل ۽ بروو سنڌيءَ ۾.

سوال: شاهہ سائينءَ پنهنجي شاعريءَ ۾ شڪاريءَ لاءِ ڪهڙا لفظ اهڃاڻ طور ڪتب آندا آهن؟
جواب: شڪاري، آهيڙي، ماري، ڇيڙون، پارهيڙي ۽ ڪاسائي.
سوال: شاهہ سائينءَ پنهنجي ڪلام ۾ مهاڻن جو ذڪر ڪهڙن سرن ۾ ڪيو آهي؟
جواب: سر سريراڳ، سامونڊي، ڪاموڏ ۽ گهاتوءَ ۾.
سوال: شاهہ سائينءَ پنهنجي ڪلام ۾ جتن کي ڪهن نالن سان سڏيو آهي؟ ڪي بہ پنج نالا ٻڌايو.
جواب: گهگهيلو ٻاروچو ٻروچ، ڪيچي، ڪوهيارو اوٺي، اوٺار، آرياڻي، آريجا، بلوچ، جت ۽ جتا وغيره.
سوال: شاهہ سائينءَ سامونڊي ملاحن کي ڪهڙن سرن ۾ ڳايو آهي؟
جواب: سر سامونڊي، ڪاموڏ، سريراڳ ۽ سر گهاتوءَ ۾.
سوال: شاهہ سائينءَ جي شاعريءَ ۾ مهاڻن، ملاحن ۽ گهاتوئڙن جو ذڪر ڪهڙن سرن ۾ ملي ٿو؟
جواب: سر گهاتو ڪاموڏ، ڏهر، سريراڳ، سهڻي ۽ سر سورٺ ۾.
سوال: شاهہ سائينءَ شاعريءَ ۾ ڏنار يا ڌراڙ جو ذڪر ڪهڙن سُرن ۾ ملي ٿو؟
جواب: سر سهڻي، سارنگ، مارئي ۽ ڏهر ۾.
سوال: شاهہ سائينءَ ناٿاري جو ذڪر ڪهڙي سر ۾ ڪيو آهي؟
جواب: سر سامونڊيءَ ۾.
سوال: شاهہ سائينءَ جي شاعريءَ ۾ واڍن جو ذڪر ڪهڙن سُرن ملي ٿو؟
جواب: سر سريراڳ ۽ ڪوهياريءَ ۾.
سوال: شاهہ سائينءَ ڪنڀار جو ذڪر ڪهڙن سُرن ۾ ڪيو آهي؟
جواب: سر سهڻي ۽ سر رپ ۾.
سوال: شاهہ سائينءَ لوهار جو ذڪر ڪهڙن ٽن سرن ۾ ڪيو آهي؟
جواب: سر يمن ڪلياڻ، سر سريراڳ ۽ سر مارئيءَ ۾.
سوال: شاهہ سائينءَ پنهنجي ڪلام ۾ ڪهڙن مختلف لباسن جو ذڪر ڪيو آهي؟
جواب: لوئي، ڪٿي، چني، چولو، گبرو، شلوار، قميص، گگهو وغيره.
سوال: شاهہ سائينءَ تلوار (ترار) لا ڪهڙا لفظ استعمال ڪيا آهن؟
جواب: شمشير، ڪٽڙڳ ۽ تيغ.
سوال: شاهہ سائينءَ پنهنجي شاعريءَ ۾ طبيب لاءِ ڪهڙا نالا ستعمال ڪيا آهن؟
جواب: ڏاهو، حڪيم، طبيب، ويج، حاذق وغيره.

## شاهہ سائينءَ جي شاعريءَ ۾ ڪجهہ جانورن جو ذڪر

سوال: شاهہ سائين لڏڙي جانور جو ذڪر ڪهڙي سُر ۾ ڪيو آهي؟
جواب: سر ڪاموڏ ۾.
سوال: شاهہ سائينءَ سر ڏهر ۾ ڪهڙن جانورن جو ذڪر ڪيو آهي؟

جواب: هرڻ ۽ روجھ جو.
سوال: شاھ سائين پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪهڙي جانور ۽ پکيءَ جي بيقراري بيان ڪئي آهي؟
جواب: هرڻ ۽ هماءُ.
سوال: شاھ سائين سر مومل راڻي ۾ ڪهڙن جانورن جو ذڪر ڪيو آهي؟
جواب: اُٺ ۽ گهوڙي جو.
سوال: شاھ سائينءَ هاٿي جانور جو ذڪر ڪهڙن سرن ۾ ڪيو آهي؟
جواب: چئن سرن ۾، ڪارايل، آسا، ديسي ۽ سورٺ ۾.
سوال: شاھ سائينءَ شينهن جو ذڪر ڪهڙي سر ۾ ڪيو آهي؟
جواب: سر معذوريءَ ۾.
سوال: شاھ سائين سُر ديسي ۾ ڪهڙن جانورن جو ذڪر ڪيو آهي؟
جواب: اُٺ، ڏاند، روجھ، سرھ، هاٿي ۽ مرون/سوئر.

## شاھ جي شاعريءَ ۾ پکي پکڻ

سوال: شاھ سائينءَ جي شاعريءَ ۾ ڪيترن پکين جو ذڪر ملي ٿو؟
جواب: اٺاويھ پکين جو.
سوال: شاھ سائينءَ جي سر ڏهر ۾ ڪل 8 پکين جو ذڪر ملي ٿو انهن جا نالا ٻڌايو.
جواب: باز، مور، پاپيهو، اُلو، ٻگھ، ڪونج، چمڙو ۽ ڪبر.
سوال: شاھ سائينءَ، هنج پکيءَ کي ڪهڙي خطاب سان نوازيو آهي؟
جواب: حضوري.
سوال: شاھ سائينءَ جي رسالي ۾ چپ پکيءَ جو ذڪر ڪهڙن سرن ۾ ملي ٿو؟
جواب: سر سسئيءَ آبري ۽ سر ڪارايل ۾.
سوال: شاھ سائينءَ سر ديسيءَ ۾ ڪهڙن پکين جو ذڪر ڪيو آهي؟
جواب: هماءُ، تتر، ڪانءُ/ڪانگ.
سوال: شاھ سائين، سر پورب ۾ ڪانگ پکيءَ جا ڪهڙا نالا بيان ڪيا آهن؟
جواب: ڪانگل، ڪانگا، زاغ، ڪنياتو ڪانگڙو ڪانءُ، ڪانگ وغيره.
سوال: شاھ سائينءَ جهرڪيءَ جو ذڪر ڪهڙن سرن ۾ ڪيو آهي؟
جواب: سر ڪاپائتي ۽ آسا ۾.
سوال: شاھ سائينءَ سر آسا ۾ ڪهڙن پکين جو ذڪر ڪيو آهي؟
جواب: باز، جهرڪي/چڙي، ڪانگ ۽ سيچاڻو.
سوال: شاھ سائينءَ پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪهڙي سورمي جي هلڻ ڪان ڊيل سان تشبيھ ڏني آهي؟
جواب: نوريءَ کي.

سوال: شاهہ صاحب ڪهڙي پکيءَ کي ڊنڊ تي ڪرندي ڏٺو؟

جواب: ڳجهہ کي.

سوال: سيچاڻو شڪاري پکي آهي، سندس خصلت کي شاهہ سائينءَ ڇا سان تشبيهہ ڏني آهي؟

جواب: نينهن سان.

سوال: ڪهڙي سر ۾ شاهہ سائينءَ طوطي جو ذڪر ڪيو آهي؟

جواب: سر معذوريءَ ۾.

سوال: ڪهڙن پکين جو گذران جيت ۽ مڇي آهي؟

جواب: ڳَنگ ۽ ٻَگهہ جو.

سوال: ڳَنگ ۽ ٻَگهہ جو ذڪر ڪهڙي سُرَ ۾ ٿيل آهي؟

جواب: سر ڪارايل ۾.

سوال: سر ڪارايل ۾ ڪهڙي پکيءَ جي خوراڪ موتي آهي؟

جواب: هنج پکي.

سوال: سر ڪارايل ۾ ڪهڙي پکي جو شڪار نانگ بلائون آهن؟

جواب: مور پکي.

سوال: سر ڪارايل ۾ اهو ڪهڙو پکي آهي، جيڪو برسات جو امڪان ڏسي تنواريندو آهي؟

جواب: ننيڙو تاڙو پکي.

سوال: اهو ڪهڙو پکي آهي، جيڪو وَڳر ڪري اُڏامندو آهي؟

جواب: ڪونج پکي.

سوال: شاهہ صاحب ڪونج پکي وڳر کي ڏسي ڪهڙو درس ڏنو آهي؟

جواب: سر ڏهر ۾ وڳر ڪيو وتن، پرت نہ ڇنن پاڻ ۾.

سوال: شاهہ سائينءَ جي سر پورب ۾ پانڌي ٻڌائي پيار جا نياپا سنيها ڏيندڙ ڪهڙو پکي آهي؟

جواب: ڪانگ پکي.

سوال: شاهہ صاحب ڪانگ کي تمام گهڻو ساراهيو آهي، پر ڪانگ جي ڪهڙي خصلت کي ننديو آهي؟

جواب: ڊونڊ تي ڪرڻ جي خصلت کي.

سوال: شاهہ سائين آڙي پکيءَ جو ذڪر ڪهڙي سر ۾ ڪيو آهي؟

جواب: سر سارنگ ۾.

سوال: آڙي لاءِ اڙ/اڙون لفظ شاهہ جي رسالي جي ڪهڙي نسخي ۾ ملي ٿو؟

جواب: گنج ۾.

سوال: شاهہ سائين جي سر آسا ۾ سِرڻ جي قد جيڏو سندس ئي قبيلي جو ڪهڙو پکي آهي؟

جواب: باز.

سوال: ٻگهہ پکيءَ جو ذڪر ڪهڙن سرن ۾ ملي ٿو؟

جواب: سر ڪارايل ۽ سر سهڻيءَ ۾.

سوال: ٻگھہ کي شاھہ صاحب ڪھڙي علامت طور آندو آھي؟

جواب: ٻگھہ مان سندس مراد طالب الدنيا آھي.

سوال: شاھہ جي سر حسيني ۾ ڪھڙي پکيءَ لاءِ لُکون موت جو ڪارڻ ٻڌبيون آھن؟

جواب: پاپيھو.

سوال: شاھہ صاحب جي سر سارنگ ۾ ڪھڙي پکيءَ جي تنوار تي ماڻھو سمجھي ويندا آھن تہ مينھن وسڻ وارو آھي؟

جواب: تاڙو پکي.

سوال: شاھہ صاحب ڪھڙي سُر ۾ تتر ۽ باز جي نھايت سھڻي تشبيھہ آندي آھي؟

جواب: سر بلاول ۾.

سوال: چپ جو ذڪر شاھہ سائينءَ جي ڪھڙي سر ۾ ملي ٿو؟

جواب: سر سسئي آبري ۾.

سوال: سنڌي سماج ۾ ڪھڙي پکيءَ کي نجس ۽ نياڳو سمجھيو ويندو آھي؟

جواب: چپ پکيءَ کي.

سوال: شاھہ صاحب ڪربلا جي واقعي کي بيان ڪندي ڪھڙي پکيءَ کان خط پھچائيندڙ جو ڪم ورتو آھي؟

جواب: ڪبوتر کان.

سوال: شاھہ صاحب سسئي جي سڏڙن، روڄ ۽ راڙي، ڪيھن ۽ ريھن کي ڪھڙي پکيءَ جي ڪوڪ سان تشبيھہ ڏني آھي؟

جواب: ڪوئل سان.

سوال: شاھہ سائين پنھنجي رسالي ۾ ڪھڙن پکين جو ذڪر ڪيو آھي؟ ڪن بہ ڇئن جا نالا ٻڌايو.

جواب: ڇيھو، سيچاٽو، شڪرو، ڪنگ، ڪونج، هدهد، ھنج، ھماءُ.

سوال: شاھہ صاحب پکين جو ذڪر ڪھڙن سرن ۾ ڪيو آھي؟ ڪن بہ ڇئن جا نالا ٻڌايو.

جواب: سر ڪارايل، سر ديسي، سر معذور، سر پورب، سر ڪيڏارو، سر ڏھر، سر سسئي آبري، سر بلال، سر سارنگ، سر حسيني.

## شاھہ جي شاعريءَ ۾ جيت جنٽيا ۽ بلائون

سوال: شاھہ صاحب ڏک ۽ درد کي ڪھڙي جيت سان سر سامونڊيءَ ۾ تشبيھہ ڏني آھي؟

جواب: اڏوھيءَ سان.

سوال: شاھہ صاحب پؤنر جو ذڪر ڪھڙن سرن ۾ ڪيو آھي؟

جواب: سر مومل راڻو ۽ سر ڪارايل ۾.

سوال: سر يمن ڪلياڻ ۾ پتنگ ھڪ اُڏندڙ جيت آھي، ڪيس ٻيو ڇا چئبو آھي؟

جواب: پوپٽ يا پروانو.

سوال: ڇيون جيت جو ذڪر شاهه سائينءَ ڪهڙي سُر ۾ ڪيو آهي؟

جواب: سر مارئي- سر سسئي آبري ۾.

سوال: پاٽيءَ جي ڪهڙي جيت کي شاهه سائينءَ ٻه پِڙ ٻه سڏيو آهي؟

جواب: سِپَ کي.

سوال: سِپَ جو ذڪر شاهه سائينءَ ڪهڙن سرن ۾ ڪيو آهي؟

جواب: سر مارئي ۽ سر سارنگ ۾.

سوال: ڪيڙ جيت جو قسم آهي، جيڪو ڪتي جي ڳنَ ۾ رهندو آهي. شاهه سائينءَ ان جو ذڪر ڪهڙي سر ۾ ڪيو آهي؟

جواب: سر معذوري ۾.

سوال: مانگر مڇ جو ذڪر شاهه سائينءَ جي ڪهڙي سُر ۾ ملي ٿو.

جواب: سر گهاتوءَ ۾.

سوال: شاهه سائينءَ نانگ جي لاءِ ٻيو ڪهڙو لفظ ڪتب آندو آهي؟

جواب: سَپُ.

سوال: سر سهڻي جي ڪائين داستان ۾ درياءَ جي ڳُنن کي ڪاريهر سان پيٽ ڏني وئي آهي؟

جواب: چوٿين داستان ۾.

سوال: واسينگ نانگ ڏاڍو زهريلو ٿيندو آهي. شاهه سائينءَ ان جو ذڪر ڪهڙي سر ۾ ڪيو آهي؟

جواب: سر ڪارايل ۾.

سوال: شاهه سائينءَ ڪپر نانگ جو ذڪر ڪهڙن سُرن ۾ ڪيو آهي؟

جواب: سر آسا ۽ سر ڪارايل ۾.

سوال: واڳونءَ جو ذڪر شاهه صاحب ڪهڙي سر ۾ ڪيو آهي؟

جواب: سر سهڻي ۽ سُر رامڪلي ۾.

## شاهه سائينءَ جي شاعريءَ ۾ وڻن، ٻوٽن، گاهن، سُتين ڦڪين، ڌاتن، پٿرن جو ذڪر

سوال: شاهه سائينءَ سر مارئيءَ ۾ ڪهڙن ڪاڌن جو ذڪر ڪيو آهي؟

جواب: ساڳ، ڏٿ، پلاءُ، ڏوئنرا، چانور، رب، پيرون، سگر، سائون، للر وغيره.

سوال: شاهه سائينءَ پنهنجي ڪلام ۾ ڪهڙن ڌاتن ۽ پٿرن جو ذڪر ڪيو آهي؟

جواب: لوڻ، رڪ، ماڻڪ، پارس، لوهه، سون، فيروزو موتي، ياقوت، لعلون، مرجان، عقيقي وغيره.

سوال: شاهه سائين پنير جو ذڪر ڪهڙي سر ۾ ڪيو آهي؟

جواب: سر مارئيءَ ۾.

سوال: شاهه سائينءَ جي سر ڪنيات ۾ ڪهڙين خوشبوئن جو ذڪر ڪيل آهي؟

جواب: مشڪ، عطر، چندن، ڪپور (ڪافور) ۽ ڪٿوريءَ جو.

سوال: شاهہ سائينءَ ڪهڙي سر ۾ گاهہ جا ايڪيهہ قسم بيان ڪيا آهن؟

جواب: سر ڪاموڏ ۾.

سوال: سسئيءَ وارن سرن ۾ ڪهڙن وڻن ۽ ٻوٽن جو ذڪر ڪيو ويو آهي؟ پنجن جا نالا ٻڌايو.

جواب: ليار، ميندي، جر، جائو، ڏاڙهون، آنر، جمر، ڪنڊي، مچڻ، لوهيڙو، انب، ليمو، ڦاروها، ڳاڱا وغيره.

سوال: شاهہ سائينءَ جي ڪلام ۾ سڀ کان وڌيڪ ذڪر ڪهڙي وڻ جو ٿيل آهي؟

جواب: ڪنڊي وڻ جو.

سوال: شاهہ سائين سر ڏهر ۾ ڪيترا پيرا ڪنڊيءَ جي وڻ سان مخاطب ٿي ڪائنس ماضيءَ وارا واقعا معلوم ڪيا؟

جواب: ارڙهن پيرا.

## شاهہ بابت لکيل ڪتاب ۽ شارح

سوال: احوال شاهہ عبداللطيف ڀٽائي 1897ع ۾ ڪتاب جو ليکڪ ڪير آهي؟

جواب: مرزا قليچ بيگ.

سوال: انگريزيءَ ۾ "شاهہ لطيف جي حياتي، مذهب ۽ شعر" جو ليکڪ ڪير آهي؟

جواب: ديوان ليلا رام.

سوال: ڪاڪي لال چند امرڏني مل جڳتياڻي شاهہ تي لکيل جڳ مشهور ڪتاب جو ليکڪ آهي، ان ڪتاب جو نالو ٻڌايو؟

جواب: شاهاڻو شاهہ.

سوال: "لطيف سائينءَ جا لاڙ تان پيرا" جو مصنف ڪير آهي؟

جواب: معمور يوسفاڻي.

سوال: "لطائف لطيفي" ڪتاب ڪهڙي ٻوليءَ ۾ لکيل آهي؟

جواب: فارسي.

سوال: لطائف لطيفي 1877ع ۾ لکيو ويو، پر اهو ڇپيو ڪهڙي سال ۾؟

جواب: 1967ع

سوال: "شاهہ جون سورميون" ڪتاب جو مصنف ڪير آهي؟

جواب: نارائڻ داس گلراجاڻي.

سوال: ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جو لکيل ڪتاب "شاهہ لطيف جي شاعريءَ" ۾ ڪيترن جلدن تي مشتمل آهي.

جواب: ٽي.

سوال: ڊاڪٽر تنوير عباسي جو لکيل ڪتاب "شاهہ لطيف جي شاعري" جو پهريون جلد ڪڏهن شايع ٿيو؟

جواب: 1976ع

سوال: شاهہ لطيف جي سوانح ۽ ڪلام متعلق ڪتاب "لطائف لطيف" جو مصنف ڪير آهي؟

جواب: دين محمد وفائي.

سوال: ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻيءَ جي ترتيب ڏنل رسالي ۾ ڪل ڪيترا سر آهن؟
جواب: ڪل 18 سُر آهن.
سوال: ”شاهه جي رسالي جو مطالعو“ جو مصنف ڪير آهي؟
جواب: مولانا دين محمد وفائي.
سوال: ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي مرتب ڪيل شاهه جي رسالي جي ٽنهي جلدن ڇپجڻ جا سال ٻڌايو؟
جواب: 1931ع، 1924ع، 1923ع
سوال: ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ڪيترن رسالن جي بنياد تي تحقيق مڪمل ڪئي؟
جواب: 50 قلمي نسخن جي بنياد تي.
سوال: سڀ کان پهريون شاهه جو رسالو ڪڏهن شايع ٿيو؟
جواب: 1866ع
سوال: ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرومپ شاهه جو رسالو ڪٿان شايع ڪرايو؟
جواب: جرمني مان.
سوال: ڏهن جلدن تي شاهه جو رسالو ڪهڙي محقق ترتيب ڏنو؟
جواب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ.
سوال: سڀ کان پهريون ڪهڙي عالم شاهه جي رسالي مان ’سُر ڪيڏارو‘ خارج ڪيو؟
جواب: علامه آءِ آءِ قاضي.
سوال: شاهه لطيف جي ڪلام جي لغت ”غريب اللغات“ جو ليکڪ ڪير آهي؟
جواب: پيرومل مهرچند آڏواڻي.
سوال: شاهه لطيف جي ڪلام جي لغت ”لُغات لطيفي“ جو ليکڪ ڪير آهي؟
جواب: مرزا قليچ بيگ.
سوال: شاهه عبداللطيف ڀٽائي تي انگريزي ٻولي ۾ پهرين پي ايڇ ڊي ڪنهن ڪئي؟
جواب: ڊاڪٽر ايڇ ٽي سورلي.
سوال: شاهه عبدالطيف ڀٽائي متعلق سنڌي ٻوليءَ ۾ پهرين پي ايڇ ڊي ڪنهن ڪئي؟
جواب: ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر.
سوال: ڊاڪٽر فهميده حسين جي شاهه تي ٿيل پي ايڇ ڊي جو عنوان ڪهڙو آهي؟
جواب: شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ عورت جو روپ.
سوال: ”شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ علامت نگاري“ ڪنهن جي پي ايڇ ڊي جو تحقيقي مقالو آهي؟
جواب: غلام نبي سڌايو.
سوال: ”شاهه لطيف جا سرچشما“ ڪنهن جو ڪتاب لکيل آهي؟
جواب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ.
سوال: ڊاڪٽر درشهوار سيد ”پوئٽري آف شاهه عبداللطيف“ جي عنوان سان انگريزي ۾ پي ايڇ ڊي ڪهڙي يونيورسٽي مان ڪئي.

جواب: اسڪاٽلينڊ (ايڊنبرا) يونيورسٽي مان.

سوال: شاهه جي ٻولي جو مصنف ڪير آهي؟

جواب: آفتاب ابڙو.

سوال: ”لطيفي لهرون“ ڪتاب جو ليکڪ ڪير آهي؟

جواب: غلام رسول بلوچ.

سوال: ”پيغام لطيف“ ڪتاب جو مصنف ڪير آهي؟

جواب: سائين جي ايم سيد.

سوال: ”شاهه قرآن جي روشني ۾“ جو مصنف ڪير آهي؟

جواب: غلام عباس سريوال.

سوال: ايڇ ٽي سورلي جي ڪتاب ”Shah Latif of Bhit“ جو ترجمو ’ڀٽ جو شاهه‘ ڪنهن ڪيو آهي؟

جواب: عطا محمد ڀنڀرو.

سوال: ”شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ منظرنگاري“ جو ليکڪ ڪير آهي؟

جواب: راز شر.

سوال: ”شاهه ۽ نوجوان“ ڪتاب جو مرتب ڪير آهي؟

جواب: غلام مصطفيٰ شاهه.

سوال: ”ڀِي منجهه پاتال“ جو ليکڪ ڪير آهي؟

جواب: ڊاڪٽر بشير احمد شاد.

سوال: شاهه لطيف جي فڪر متعلق ڪتاب ”عرفانِ لطيف“ جو ليکڪ ڪير آهي؟

جواب: ڊاڪٽر بشير احمد شاد.

سوال: لطيفيات جي موضوع تي لکيل ڊرامو ”ڪاڪ محل“ جو مصنف ڪير آهي؟

جواب: شمشير الحيدري.

سوال: شاهه لطيف جي راڳ متعلق ڪتاب ”سر شاهه سمنڊ“ جو ليکڪ ڪير آهي؟

جواب: استاد امير علي خان.

سوال: ”شاهه لطيف جي شاعريءَ جو سماجي ڪارج“ ڪنهن جي پي ايڇ ڊي ٿيسز آهي؟

جواب: ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو.

سوال: ڪتاب ”شاهه لطيف هر دور جو شاعر“ جو ليکڪ ڪير آهي؟

جواب: ڊاڪٽر بشير احمد شاد.

سوال: شاهه لطيف جي شاعريءَ جو ڀاڪاتي پهلو ڪتاب جو مرتب ڪير آهي؟

جواب: انجنيئر عبدالوهاب سهتو.

سوال: ڪتاب ”شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ درد جو فلسفو“ ڪنهن جو لکيل آهي؟

جواب: ڊاڪٽر احسان دانش جو.

سوال: ”شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ جماليات“ ڪنهن جي پي ايڇ ڊي ٿيسز آهي؟

جواب: ڊاڪٽر شير مهراڻيءَ جي.
سوال: شاهہ لطيف جي فڪر متعلق لکيل ڪتاب ”ڪنڌيءَ ڪونئر ٽڙن“ جو مصنف ڪير آهي؟
جواب: محمد حسين ’ڪاشف‘
سوال: شاهہ لطيف جي فن، فڪر ۽ زندگي جي احوال متعلق ”مقدمہ لطيف“ جو ليکڪ ڪير آهي؟
جواب: ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي.
سوال: ”تنين ماڻڪ ميڙيا“ ڪتاب جو ليکڪ ڪير آهي؟
جواب: رسول بخش پليجو.
سوال: ”شاهہ ۽ سنڌي“ ڪتاب جي مصنفہ ڪير آهي؟
جواب: ڊاڪٽر فهميده حسين.
سوال: ”شاهہ لطيف جا فڪري رخ“ جو مصنف ڪير آهي؟
جواب: ڊاڪٽر غفور ميمڻ.
سوال: ”شاهہ لطيف جي شاعريءَ جو جديد اڀياس“ جو محقق ڪير آهي؟
جواب: ڊاڪٽر شير مهراڻوي.
سوال: ڪتاب ”شاهہ لطيف جي شاعريءَ جو تقابلي اڀياس“ جو مرتب ڪير آهي؟
جواب: ڊاڪٽر اسحاق سميجو.

## شاهہ لطيف بابت ڳڍيل سوال

سوال: شاهہ سائين ڪهڙي ٻوليءَ کي غلاميءَ جو طوق تصور ڪيو هو؟
جواب: فارسيءَ کي .
سوال: شاهہ سائينءَ جي دور ۾ ڪهڙيون چوڻيون سنڌي سماج ۾ جاري هيون؟
جواب: 1. فارسي گهوڙي چاڙهہ سي. 2. سنڌي وائي ڪم نہ آئي .
سوال: شاهہ سائينءَ جي دور ۾ سنڌ ۾ ڪهڙيون ٻوليون ڳالهائيون وينديون هيون؟
جواب: فارسي، سنڌي، سرائيڪي، براهوي، بلوچي وغيره .
سوال: شاهہ سائين جي دور ۾ ڪهڙو شهر ”عراق ثاني“ سڏبو هو؟
جواب: ٺٽو شهر .
سوال: شاهہ سائين جي ڏينهن ۾ سنڌ ۾ ڪٿان جو ڪپڙو مشهور هو؟
جواب: هالار جو.
سوال: لاکيڻي لطيف جي آدرشي رياست ڪهڙي هئي؟
جواب: ملير .
سوال: شاهہ سائينءَ جي دور ۾ حيدرآبادکي ڇا چوندا هئا؟
جواب: نيرن ڪوٽ(نيرون ڪوٽ.)
سوال: شاهہ سائين جي دؤر ۾ سنڌ ۾ تصوف جا ڪهڙا طريقا رائج هئا؟

جواب: قادري، سهروردي، چشتي ۽ نقشبندي طريقا .
سوال: شاهه سائينءَ جي دؤر ۾ ڪتان جون ترارون ۽ ڪهاڙيون سنڌ ۾ مشهور هيون؟
جواب: مصر جون ترارون ۽ گجميل جون ڪهاڙيون .
سوال: شاهه سائينءَ جي دور ۾ (امير) ماڻهو ڪهڙي قسم جو ڪپڙو استعمال ڪندا هئا؟
جواب: پٽولا، بخمل، بافتو ارم، عنبير، ململ، پٽ، الائچي، پهراڻ وغيره .
سوال: لطيف سائين جي خدمت ۾ مائي گلان ڪهڙي سال پٽ تي ڳايو هو؟
جواب: 1135هه ۾.
سوال: شاهه عبداللطيف ڀٽائي ترڪيءَ جي ڪهڙي شهر جو نالو ڪتب آندو آهي؟
جواب: استنبول.
سوال: شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ استنبول جو ذڪر ڪهڙي سر ۾ ڪيو آهي؟
جواب: سر سارنگ ۾.
سوال: شاهه عبداللطيف جي رسالي ۾ سڀ کان ڊگهو بيت گهٽ ۾ گهٽ ستن تي مشتمل آهي.
جواب: يارهن.
سوال: شاهه عبداللطيف ڀٽائي شاعري ۾ ماڳ ”ٻُڪار“ جو ذڪر ڪيو آهي، اُهو ماڳ ڪٿي آهي؟
جواب: سکر.
سوال: شاهه عبداللطيف هندستان جي مشهور شهرن ”دهلي ۽ دکن“ جو ذڪر ڪهڙي سُر ۾ ڪيو آهي.
جواب: سُر سارنگ.
سوال: سر سارنگ ۾ شاهه عبداللطيف بيڪانير ڪتب آندو آهي، بيڪانير ماڳ ڪٿي واقع آهي؟
جواب: جيسلمير.
سوال: ٻيلو ڪڇ جي رڻ ۾ ڪناري ويجهو ٻيٽ آهي، شاهه لطيف ان جو ذڪر ڪهڙي سُر ۾ ڪيو آهي.
جواب: سر سارنگ ۽ ڍهر.
سوال: شاهه لطيف جي سورمي سسئي جو تعلق سنڌ جي ڪهڙي قديمي شهر سان هو؟
جواب: ڀنڀور.
سوال: شاهه عبداللطيف ڀنڀور جو ذڪر ڪيترن ۽ ڪهڙن سرن ۾ ڪيو آهي؟
جواب: پنجن سُرن: حسيني، بروو سنڌي، ديسي، آبري ۽ ڪوهيار ۾.
سوال: ڀنڀور هن وقت ڪٿي واقع آهي؟
جواب: تعلقي ميرپور ساڪرو ۾.
سوال: شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي سورمي مارئي جو تعلق سنڌ جي ڪهڙي قديم ماڳ سان آهي.
جواب: ٿر سان.
سوال: شاهه عبداللطيف سر مارئي کان علاوه ٿر جو ذڪر ڪهڙن سرن ۾ ڪيو آهي؟
جواب: سر سارنگ.
سوال: ٿر جو ڪهڙو طبعي ڀاڱو آهي، جيڪو ڪڇ جي ويجهو آهي؟

جواب: پاٽر.

سوال: پٽيهل ندي جو ذڪر ڪهڙي سر ۾ ملي ٿو؟

جواب: سر ڏهر.

سوال: شاهه عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي بيتن ۾ پراڻ ندي جو ذڪر ڪيو آهي، اها پراڻ ندي ڪٿان وهندي هئي.

جواب: سڪرنڊ تعلقي مان نڪري ڪڇ جي رڻ مان ٿيندي لکپت تائين.

سوال: ڀٽائي سر سسئي آبري ۾ ”حُر“ ماڳ جو ذڪر ڪيو آهي، اهو ماڳ ڪٿي آهي؟

جواب: بلوچستان (هڪ جبل جي چوٽي جو نالو آهي)

سوال: جيلسپُر جو ذڪر شاهه لطيف ڪهڙي سُر ۾ ڪيو آهي؟

جواب: سر سارنگ.

سوال: شاهه عبداللطيف ڀٽائي جهوناڳڙهه جو ذڪر سر سورٺ ۾ ڪيو آهي، اهو شهر ڪنهن جوڙايو؟

جواب: راءِ ڏياچ جي ڏاڏي راءِ گوهر.

سوال: شاهه صاحب حَب ندي جو ذڪر ڪهڙن سرن ۾ ڪيو آهي؟

جواب: سر ڪوهياري، ديسي ۽ معذوري.

سوال: شاهه عبداللطيف ڀٽائي هندستان جي ماڳ ”دوارڪا“ جو ذڪر ڪهڙي سُر ۾ ڪيو آهي؟

جواب: سر رام ڪلي.

سوال: شاهه عبداللطيف ڀٽائي ٿر جي علائقي ”ڍٽ“ جو ذڪر سر مارئي کان علاوه ڪهڙي سُر ۾ ڪيو آهي؟

جواب: سر مومل راڻو.

سوال: شاهه عبداللطيف ڀٽائي ڍور ندي جو ذڪر سر ڏهر ۾ ڪيو آهي، اها ندي ڪٿان نڪرندي هئي؟

جواب: نئين ڪوٽ کان هينان مهراڻ نديءَ مان نڪرندي هئي.

سوال: ڍور سان گڏ ٻي ڪهڙي نهر وهندي هئي؟

جواب: ڍاڳي.

سوال: شاهه عبداللطيف دنيا جي قديم شهر سمرقند جو ذڪر ڪهڙي سر ۾ ڪيو آهي.

جواب: سر سارنگ.

سوال: طور سينا مصر ۽ شام ملڪن ۾ ٻيٺ نما علائقو آهي، شاهه لطيف ان جو ذڪر ڪهڙي سُر ۾ ڪيو آهي؟

جواب: سر رامڪلي.

سوال: پاڪستان جي مشهور شهر قلات جو ذڪر ڪهڙي سر ۾ ملي ٿو.

جواب: سر رامڪلي.

سوال: شاهه عبداللطيف ڀٽائي سر مومل راڻي ۾ ڪاڪ محل جو ذڪر ڪيو آهي. اهو ڪاڪ محل جيسلمير جي ڪهڙي شهر ۾ آهي.

جواب: لڊاڻو.

سوال: شاهه عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪڇ جو ذڪر ڪيو آهي. ڪڇ جي لفظي معنيٰ ڇا آهي؟

جواب: ڪنڌي يا ڪنارو.